# 2

# شاهه جا بيت

شاهه عبدل لطيف (عيسوي 1689 - عيسوي 1752) سنڌيءَ جو عظيم شاعر ۽ دنيا جي چوند شاعرن شيڪسپيئر، هومراملتن ۽ ڪاليداس جو مٽ مڃيو وڃي ٿو. هُو سنڌ ۽ هند ۾ ’پِٽائي‘ ۽ ’پِٽائي گهوٽ‘ جي نالي سان مشهوُر آهي. شاهه جي ڪلام جو سمورو خزانو ’شاهه جو رسالو‘ ۾ ڏنل آهي.
شاهه سائين هن بيت ۾ مارئيءَ جي پرينءَ ۽ وطن جي حُب جو ذڪر ڪيو آهي.

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.



اَڪر پڙهه اَلف جو، وَرَق سَڀ وسار،
اندرَ تون اُجار، پَنا پڙهندين ڪيترا.

پريان سَندي پارَ جي، مِڙيئِي مِٺائي،
ڪانهي ڪَڙائِي، چَکين جي چيت ڪري.

هوُ چَوَنئي، تون مَ چَؤ واتان وَرائي،
اڳُ اَڳرائي جو ڪري، خطا سوڪائي.

پاند ۾ پائي، ويو ڪينِي وارو ڪين ڪي.
واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساه،
بت منهنجو بند ۾ قيد مَ ڪَريجاه،
پرڏيهاڻي پرينءَ ري ڏار مَ ڏَريجاه.
تڏي وسائج تر جي، مِٽي مٺيءَ مٺاه،
جي پويون ٿئي پَساه، تہ نِجاه مَڙُه ملير ڏي.



## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| اَلف - ايشور | ورق - صُفحو | سندي - جِي |
| پارَ - طرف | ڪَڙائي - ڪوڙاڻ | چيت - ڌيان |
| مَ - نَہ | خطا - سزا | واجهائي - ياد ڪري |
| بُت - شريرُ | پَساهُ - ساهُ | نِجاه - موڪلج |
| مڙه - لاشُ | | |

## اَڀياس

**سوال.١. هينين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

(الف) ايشور کي ياد ڪرڻ لاءِ شاعر ڇا چيو آهي؟

(ب) پرينءَ بابت ڇا چيل آهي؟

(پ) خطا نه ڪائڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**سوال.٢. هينين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

(الف) 'اَندرُ تون اُجار' مطلب سمجهايو.

(ب) وطن بابت شاهه صاحب ڇا چيو آهي؟

(پ) ملير جي مٽيءَ لاءِ مارئيءَ ڇا چيو آهي؟

**سوال.٣. هيٺ ڏنل سِٽون پوريون ڪريو.**

(ٿ) اکر پڙه .............................. ڪيترا.

(ٿ) اَڄ اَڱرائي .......................... ڪينَ ڪي.

(ٿ) ٿڏي وسائڄ ................. ملير ڏي.

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر - بند تي عملي ڪاريه.

اکر پڙهه الف جو ..................... وارو ڪين ڪي.

١) هينين جا هم - آوازي لفظ چونڊي لکو.

(الف) هار، مار

(ب) ڪيو، چيو

(٢) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

(الف) 'نه' لاءِ لفظ -

(ب) 'الف' لفظ جي معني

(ڪ) 'حرف' معني ڏيکاريندڙ لفظ

(د) 'شريرُ' لاءِ ڪم آيل لفظ

(٣) ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ڳولهيو.

| مثال : | اکر | - | اَلف | - | اَندر |
|---|---|---|---|---|---|
| (الف) | ورق | - | | - | |
| (ب) | پنا | - | | - | |
| (ڪ) | ڪيترا | - | | - | |
| (د) | م | - | | - | |

(۴) 'هوُ چَوندي تون مَ چَوءُ' اِها چوٽي سمجهايو.

(۵) 'عمر مارئي' جي آکاٽي اِنٽرنيٽ ذريعي پڙهو ۽ ڪلاس ۾ اَچي پنهنجي لفظن ۾ ٻُڌايو.